SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر XV مجريه 1979
# SINDH ORDINANCE NO.XV OF 1979
# سنڌ لوڪل گورنمينٽ (ترميم) آرڊيننس، 1979
# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (AMENDMENT) ORDINANCE, 1979

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)
1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and Commencement
2. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعه 37 جي ترميم
Amendment of section 37 of Sindh Ordinance XII of 1979
3. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعه 37_A جو اضافو
Insertion of section 37_A of Sindh Ordinance XII of 1979

# سنڌ آرڊيننس نمبر XV مجريه 1979

# SINDH ORDINANCE NO. XV OF 1979

# سنڌ لوڪل گورنمينٽ (ترميم) آرڊيننس، 1979

# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (AMENDMENT) ORDINANCE, 1979

[7 سيپٽمبر 1979]

هڪ آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي.

هاڻي تنهن ڪري، 5 جولاءِ 1977 واري اعلان جنهن کي 1977 واري قانونن (نافذ هئڻ وارو تسلسل) واري حڪم، 1977 سان ملائي پڙهيو وڃي، ان جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس، جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and Commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ لوڪل گورنمينٽ (ترميم) آرڊيننس، 1979 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

1979 جي سنڌ

2. سنڌ لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 1979 ۾، جنهن کي

هن ڪانپوءِ بہ ڄاڻايل آرڊيننس سڏيو ويندو ان جي دفعہ 37 جي ذيلي دفعہ (2) جي شق (d) ۾ لفظ "هڪ پگهاردار شخص" لفظن "اهو آهي" ۽ لفظن "پاڪستان جي سروس ۾" جي وچ ۾ وڌو ويندو."

آرڊيننس XII جي دفعہ 37 جي ترميم
Amendment of section 37 of Sindh Ordinance XII of 1979

3. ڄاڻايل آرڊيننس ۾ دفعہ 37 ڪانپوءِ هيٺيون نئون دفعہ وڌو ويندو:

1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 37_A جي ترميم
Amendment of section 37_A of Sindh Ordinance XII of 1979

(پارٽي بنيادن تي چونڊن تي پابندي)

"37_A. (1) جيستائين ڪجهہ هن آرڊيننس جي گنجائش جي مخالف نہ هجي، ڪو بہ شخص جيڪو هن آرڊيننس تحت چونڊن ۾ حصو وٺي رهيو هوندو اهڙي چونڊ جي مقصد لاءِ سڌيءَ ريت يا اڻ سڌيءَ ريت نہ ٿو ڪري سگهي تہ:

(a) پاڻ کي هڪ سياسي پارٽي جو نمائندو يا اميدوار ڄاڻائيندو يا ظاهر ڪندو يا ڪڻندو اهڙو ڪو نشان، جهنڊو يا اهڙي ڪا ٻي شئي جيڪا اهڙي پارٽي سان سندس جڙيل هئڻ يا لاڳاپي کي ظاهر ڪندي.

(b) ووٽ يا حمايت پارٽي بنيادن تي يا ڪنهن سياسي پارٽي جي منشور جي شرطن تي يا پارٽي سان لاڳاپن کي پنهنجي اميدوار لاءِ ثالث بڻائي حاصل ڪري ٿو.

(c) ڪنهن سياسي پارٽي ڪان مالي يا ڪا ٻي مدد حاصل ڪري ٿو يا دعويٰ ڪري ٿو.

(2) اهڙي جاچ پڙتال ڪانپوءِ جيڪڏهن چونڊ اختياري جيئن مناسب سمجهي تہ ڪو شخص ايئن ڪري رهيو آهي ۽ ذيلي دفعہ (1) جي گنجائش سان ٽڪراءَ ۾ چونڊجي آيو آهي

تہ اها اهڙي شخص کي اهڙي چوندڻ لاءِ نمائندگي ڏيڻ کان منع ڪرڻ جو حڪم ڏئي سگهي ٿي، يا ميمبر ٿيڻ لاءِ معاملو جيئن بہ هجي ۽ اهو 4 سالن جي عرصي لاءِ ميمبر چوندجڻ کان نااهل ٿي ويندو:

بشرطيڪ اهڙو ڪو بہ حڪم جاري نہ ڪيو ويندو، جيستائين اهڙي لاڳاپيل شخص کي ٻڌڻ جو موقعو فراهم نہ ڪيو ويجي."۔

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**